قرآني بيان

# دين ۽ قرباني

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**04-July-2025**

جمعة المبارک جو
(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
4 جولاءِ 2025ء (مُحرمُ الحرام 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

# دين ۾ قرباني

هن بيان ۾ توهان ڇاٽي سگهندؤ...

- ✿... اڳين امتن جون تڪليفون
- ✿... عظيم قرباني، نرالو اِنعام
- ✿... سلطانِ دو جهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون قربانيون
- ✿... مُبلغين جون قبرون جڳمڳائيندڀون

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيِّيْن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنجوس آهي اهو شخص جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان مون تي درود نه پڙهيو.[1]

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سَدا میں | اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ط مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ط اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

## آيتِ ڪريمه جو شانِ نزول

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 2، سورة بقره، آيت: 214 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. عالِم سڳورا فرمائن ٿا: غزوه احزاب (جيڪو 5 هجري

[1]… ترمذی،کتاب الدعوات، باب قول رسول اللہ رغم انف...الخ، صفحہ: 811، حدیث:3546۔

[2]…وسائِلِ بخشش، صفحہ:114۔

۾ پيش آيو، ان) ۾ مسلمانن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ۞ سخت سردي جي موسم هئي ۞ کاڌي خوراڪ جي کوٽ هئي ۞ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان سخت بک سبب پيٽ تي پٿر ٻڌا هئا ۞ ۽ انهيءَ حالت ۾ خندق (يعني گهرا کڏا) کوٽي رهيا هئا ۞ ان سان گڏوگڏ سخت دشمن جو مقابلو بہ هو ۞۽ مدينہ منوره جي اندر موجود غير مسلم ۽ منافق بہ سازشون ڪري رهيا هئا. جڏهن مسلمانن تي چئني طرفن کان تڪليفون ئي تڪليفون اچي ويون هيون، ان موقعي تي هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي، جنهن ۾ مسلمانن کي گذريل امتن جا حالات ٻڌائي صبر ڏياريو ويو.[1]

## آيتِ ڪريمہ جي مختصر وضاحت

جيئن تہ ارشاد ٿئي ٿو

| | |
|---|---|
| اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾ (سيپارو: 2، البقرة: 214) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا توهان جو اهو گمان آهي تہ جنّت ۾ داخل ٿي ويندؤ حالانڪ اڃان توهان تي پهرين ماڻهن جهڙي حالت نہ آئي. انهن کي سختي ۽ تڪليف پهتي ۽ انهن کي زور سان لوڏيو ويو ايستائين جو رسول ۽ انهن سان گڏ ايمان آڻڻ وارا چوڻ لڳا: الله جي مدد ڪڏهن ايندي؟ ٻڌو! بيشڪ الله جي مدد ويجهو آهي. |

[1]...تفسير نعيمى ، پاره: 2، البقرة،زيرِ آيت: 214، جلد:2،صفحہ:369 خلاصةً۔

يعني اي مسلمانو! ڇا توهان اهو سمجهي رکيو آهي ته جنت جهڙي اعليٰ نعمت ايئن ئي بنا محنت جي حاصل ڪري وٺندا، اڃا توهان تي اهي مصيبتون نه آيون آهن جيڪي توهان کان اڳ وارن تي اچي چڪيون آهن، ۞ انهن کي گهڻيون تڪليفون پهتيون ۞ ۽ انهن کي لوڏيو ويو ۞ انهن کي بار بار سخت آزمائشن کي منهن ڏيڻو پيو ۞ انهن تڪليفن جي شدت ان حد تائين پهچي وئي جو فرمانبردار مؤمن ۽ انهن جا رسول به بيقرار ٿي پڪاري اٿيا ته اي رب ڪريم! تنهنجي مدد ڪڏهن پهچندي؟ جڏهن ته رسول ته وڏا صابر هوندا آهن. اي مسلمانو! انهن تي اهڙي سختي واريون تڪليفون آيون، ان جي باوجود اهي دين تي قائم رهيا، دنيا جي ڪا به مشقت، ڪا به مصيبت، ڪا به تڪليف سندن حالت بدلائي نه سگهي، تنهنڪري اي مسلمانو! توهان ته انهن امتن کان افضل امت آهيو، توهان کي گهرجي ته صبر جو سٺو نمونو پيش ڪريو ۽ ڪنهن به صف ۾ انهن کان پوئتي نه رهو...!![1]

## گذريل امتن جون تڪليفون

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: صحابيءِ رسول حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم خانه ڪعبه جي ڇانوَ ۾ پنهنجي مبارڪ چادر کي وهاڻو ڪري ٽيڪ لڳائي وينا هئا، اسان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! (اسان تي ايترين تڪليفون آيون آهن) اوهان اسان لاءِ دعا ڇو نٿا فرمايو؟ ان تي مڪي مدني سلطان، رحمتِ دوجهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:۞ توهان کان پهريان (ماڻهن تي گهڻيون مصيبتون آيون، اهي ماڻهو) زمين ۾ کڏو کوٽي ان ۾ دٻايا ويندا هئا ۞ آرن سان چيري به ٽڪرا ڪيا ويندا هئا ۞ لوهه جي ڪنگين سان سندن گوشت پٽيو ويندو هو پر انهن مان ڪا به مصيبت انهن کي سندن دين کان روڪي

[1] ... تفسير نعيمى ، پاره: 2، البقرة،زيرِ آيت: 214، جلد:2،صفحہ:370 خلاصةً ـ

نہ سگھي.[1] (تنھنڪري جيئن انھن صبر ڪيو، تيئن ئي توھان بہ صبر ڪريو! بيشڪ الله پاڪ جي مدد ويجھو آھي

## ماڻھو آسان سمجھن ٿا مسلمان ٿيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن آيت ڪريمہ ۾ اسان کي اھو درس ڏنو ويو آھي تہ دين جي رستي ۾ مشڪلاتون اينديون ئي اينديون آھن، ان راھ تي ھلڻ وارن کي قربانيون ڏيڻيون ئي پونديون آھن، تڏھن ئي بلند مقام ملندا آھن، تنھنڪري ھر مسلمان کي گھرجي تہ خدا جي راھ ۾ تڪليفون سھڻ ۽ تن، من، ڌن وغيره سڀ ڪجھ لٽائڻ لاءِ ھر وقت تيار رھي. اھا ئي ڳالھ ھڪ ٻي آيت ۾ بہ ارشاد ٿي، فرمايائون:

| | |
|---|---|
| اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْۤا اَنْ يَّقُوْلُوْۤا اٰمَنَّا وَ هُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ۝۲ (سيپارو: 20، العنڪبوت:2) | ترجموڪنزُ العرفان: ڇا ماڻھن اھو سمجھيو آھي تہ انھن کي فقط ايتري ڳالھ تي ڇڏيو ويندو جو اھي چون ٿا اسان ايمان آندو ۽ انھن کي آزمايو نہ ويندو؟ |

معلوم ٿيو: مسلمانن جو سندن ايماني قوت مطابق امتحان وٺڻ، الله پاڪ جو قانون آھي، بيماري، لاچاري، غربت، مصيبت، اھي سڀ الله پاڪ طرفان ايندڙ آزمائشون آھن، جن سان مخلص مسلمان ۽ منافق جي وچ ۾ فرق واضح ٿي ويندو آھي.[2]

يہ شہادت گہِ اُلفت میں قدم رکھنا ہے | لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

## زندگي ڪنھن کي چئبو آھي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اھا ڳالھ ھميشہ ياد رکو! زندگي صرف ساھ کڻڻ جو

---

1...بخاری، کتاب المناقب،باب علامات النبوۃ فی السلام، صفحہ:918 حدیث: 3612 بتغير قليل۔

2...تفسیر صراط الجنان،پارہ:20،العنکبوت، زیر آیت : 2، جلد:7، صفحہ: 342 بتغير قلى ل۔

نالو ناهي، ڊاڪٽر اقبال زندگي جي حقيقت کي وڏي واضح انداز ۾ بيان ڪيو آهي، چوي ٿو:

بَر تَر اَز اندیشۂ سُود و زِیاں ہے زِندگی | ہے کبھی جاں اور کبھی تسلیمِ جاں ہے زندگی

وضاحت: يعني زندگي نفعي ۽ نقصان جي انديشن کان متاهين هڪ شيءِ آهي، ڪڏهن ساهه کڻڻ ۽ زنده رهڻ جو نالو زندگي هوندو آهي ۽ ڪڏهن محبوب جي رضا جي لاءِ سر قربان ڪري ڇڏڻ جو نالو زندگي آهي.

مطلب ته اصل شيءِ الله پاڪ جي رضا آهي ۞ جڏهن ساهه کڻڻ ۾ ان جي رضا هجي، ان وقت تائين ساهه کڻندو رهڻ زندگي آهي۞ جيستائين خوشحال رهڻ ۾ ان جي رضا هجي، ان وقت تائين خوشحال رهڻ زندگي آهي۞ جڏهن مشڪلاتون برداشت ڪرڻ ۾ ان جي رضا هجي، ان وقت مشڪلاتون برداشت ڪرڻ زندگي آهي ۞ ۽ جڏهن سر قربان ڪرڻ ۾ الله پاڪ جي رضا هجي، ان وقت سر ڪٽائي ڇڏڻ زندگي آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ (سيپارو: 2، البقرة: 154) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ ماريا وڃن انهن کي مئل نه چئو بلڪ اهي زنده آهن پر توهان کي انهن جو شعور ناهي. |

هي ئي اهو بنيادي سبق آهي جيڪو اسان کي ڪربلا مان سکڻ لاءِ ملي ٿو، امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي جڏهن ولادت مبارڪ ٿي، حضرت جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ مبارڪباد ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيا، ۽ گڏوگڏ شهادت جي خبر به ڏئي ويا هئا.(1)

[1]...مستدرک ، كتاب معرفة الصحابة، باب اول فضائل...الخ،جلد:4،صفحه: 171، حديث:4871 ماخوذاً.

سندن شهادت جون خبرون مشهور هيون، امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ تقريباً 56 سال هن دنيا ۾ تشريف فرما رهيا.[1] پوءِ جڏهن دين جي خاطر قرباني پيش ڪرڻ جو وقت آيو، توهان صبر سان، الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهندي، وڏي بهادريءَ سان سر ڪٽائي ڇڏيو، جڻ جيستائين ساهه ڪٽڻ ۾ الله پاڪ جي رضا هئي، ان وقت تائين توهان زنده رهيا، جڏهن سر ڪٽائڻ ۾ الله پاڪ جي رضا هئي، ان وقت توهان سر قربان ڪري ڇڏيو، توهان تقريباً 56 سال جيڪي گذاريا، اها به زندگي هئي ۽ جڏهن سر ڪٽائي ڇڏيو ته اها به زندگي آهي، توهان پهرين به زنده هئا ۽ الله پاڪ جو قرآن ٻڌائي ٿو ته توهان هاڻي به زنده آهيو.

حُسَیْن ایک علامت ہے زِندگی کے لئے | حُسَیْن عَزمِ سَفر ہے مسافِری کے لئے

هڪ ٻئي شاعر چيو:

قِطرَت کی مصلحت کا اشارہ حُسَیْن ہے | قربانیوں کی آنکھ کا تارا حُسَیْن ہے
وہ اس لئے لڑے کہ ستم کو مِٹا سکیں | پھر کیوں نہ ہم کہیں کہ ہمارا حُسَیْن ہے

## هي جان ته اچڻي وڃڻي آهي

اي عاشقانِ رسول! هتي هي ڳالهه به ضرور ياد رکو ته اسلامي تاريخ ۾ ڪربلا جي وڏي اهميت آهي، اسلامي تاريخ ان وقت تائين مڪمل ئي نٿي ٿئي، جيستائين ڪربلا جو ذڪر نه ڪيو وڃي پر...!! ڪربلا جي اها اهميت صرف ان لاءِ ناهي ته ميدانِ ڪربلا ۾ اهلِ بيت ڪرام تي ظلم ٿيو هو، ڪربلا جي اصل اهميت امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي حوصلي سبب آهي، امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو اهو حوصلو، اها استقامت، اهو صبر ۽ رضا جنهن جو توهان ميدانِ ڪربلا ۾ مثال قائم ڪيو، اهو صبر، استقامت ۽ حوصلو ئي اصل ۾ ڪربلا کي يادگار بڻائي ٿو.

[1]...سوانح ڪربلا، صفحه: 170 ماخوذاً.

جس دھج سے کوئی مقتل میں گیا، وہ شان سلامت رہتی ہے
یہ جان تو آنی جانی ہے، اس جاں کی تو کوئی بات نہیں

شهيد دنيا ۾ پيا بہ گهڻا آهن، آئنده بہ ٿيندا پر امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ کي شهيدن جو سردار بڻائڻ واري جيڪا شيءِ آهي، اها هي ئي سندن شان، سندن حوصلو آهي، جنهن سان توهان ميدانِ ڪربلا ۾ لڻا هئا.

## شهادتِ امام حسين جو مختصر بيان

توهان ٿورو تصور تہ ڪريو! 10 محرم الحرام، جمعي جو ڏينهن آهي، امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ پنهنجي پٽن، پنهنجي ڀائٽين، پنهنجي ڀائرن ۽ ٻين شهيدن جا تقريباً 72 لاش ڪٽي خيمي وٽ رکي چڪا آهن، جيڪي هلي ڪري ميدان ۾ پهچي سگهيا ٿي، امام عالي مقام انهن کي ميدان ۾ موڪلي قربان ڪري ڇڏيو ۽ حضرت علي اَصغر رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جيڪي پاڻ هلي ڪري نہ پئي وڃي سگهيا، امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ انهن کي پنهنجي هٿن تي ڪٽي ويا، انهن جي بہ قرباني پيش ڪري ڇڏي، هاڻي خيمن ۾ صرف پرديدار عورتون آهن ۽ هڪ شهزادو بيمار حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ آهن، 3 ڏينهن جي بک اُڃ آهي، جگر زخمن سان چور چور آهي، مٿي تي تڪليفن جو پهاڙ ٽٽي چڪو آهي، ان حالت ۾ ان ڪيفيت ۾ سلطانِ ڪربلا، امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جنگ جو لباس پاتو، پنهنجي ناني جان، رحمتِ دوجهان صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو عمامو شريف مٿي تي ٻڌو، حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جي ڍال پنهنجي ڪمر تي ٻڌي، پنهنجي والد محترم حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جي تلوار ڪنيائون ۽ نرالي شان سان اڪيلي سر، سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي پنهنجي عزيز جان بہ حق جي راهہ ۾ نذرانو ڏيڻ لاءِ ميدانِ ڪربلا طرف وڌي رهيا آهن. الله اڪبر! باپرده سيد زادين جي فڪر بہ آهي، سامهون 20 هزارن جو لشڪر بہ آهي، اڪيلائي بہ آهي، پرديس بہ آهي، بک

۾ اچ بہ آهي، ان جي باوجود امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي فيصلي تي شرمسار نہ آهن، مبارڪ پيشانيءَ تي ڪو بہ گهنج نہ آهي، زبان تي شڪوا جي تہ ڳالهہ ئي پري، دل ۾ بہ ڪا شڪايت ناهي، صبر، استقامت، تحمل، برداشت ۽ رضا چهري تي صاف واضح آهي، امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ خيمي مان هلڻ وقت باپرده عورتن کي بہ صبر ۽ رضا جي تلقين ڪئي ۽ جڏهن ميدانِ ڪربلا ۾ پهتا تہ آخري خطبو ارشاد فرمايائون، ان خطبي ۾ بہ پاڻ آخر ۾ اهو ئي فرمايو: وَالْحُكْمُ لِلّٰهِ وَ رَضِيْنَا بِقَضَاءِ اللهِ (حڪم ۽ فيصلو الله پاڪ جو ئي آهي ۽ اسان الله پاڪ جي فيصلي تي راضي آهيون.[(1)]

روايتن ۾ آهي: جنگ دوران امام عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مبارڪ چهري تي تير لڳو، منهن مان رت وهڻ لڳو، توهان اهو رت ٻُڪ ۾ ورتو، ٻُڪ پرجي ويو، پاڻ اهو رت آسمان طرف اڇلايو ۽ فرمايو: اي الله پاڪ! هي تنهنجي نبي جي ڌيءَ جي پٽ جو رت آهي، مان ان جو بدلو گهران ٿو. راوي چون ٿا: ان رت جو هڪ قطرو بہ واپس زمين تي نہ ڪيو.[(2)]

ہزاروں میں بہتّر تن تھے تسلیم و رضا والے
حقیقت میں خُدا اُن کا تھا اور یہ تھے خُدا والے
کسی نے جب وطن پوچھا تو حضرت نے یہ فرمایا
مدینے والے کہلاتے تھے، اب ہیں کربلا والے
حسین ابن علی کی کیا مدد کر سکتا تھا کوئی
یہ خود مشکل کشا تھے اور تھے مشکل کشا والے

الله! الله! هيءَ آهي امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اها شان، اها همت، اهو حوصلو، اهو صبر ۽ استقامت جنهن سان پاڻ ميدانِ ڪربلا ۾ تشريف آندائون، انهيءَ شان ۾ استقامت سان پاڻ جان قربان ڪئي ۾ اها ئي امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شان ۽ استقامت آهي جيڪا ڪربلا کي زنده رکي ٿي.

---

[1]...سوانح کربلا، صفحہ: 162 - 165 خلاصۃً۔

[2]...تاریخِ مدینہ دمشق، رقم: 1566، الحسین بن علی،جلد:14، صفحہ:223 ملتقطاً۔

جس دھج سے کوئی مقتل میں گیا، وہ شان سلامت رہتی ہے
یہ جان تو آنی جانی ہے، اس جاں کی تو کوئی بات نہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عظيم قرباني، نرالو انعام

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته دين جي خاطر قرباني لاءِ هميشه تيار رهون، جڏهن به دين لاءِ قرباني ڏيڻ جو موقعو اچي ته بلڪل پوئتي نه هٽون، خوش دليءَ سان، استقامت ۽ حوصلي سان، نهايت بهادري ۽ شان سان قرباني پيش ڪيون، ان جو جيڪو انعام ملندو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ياڳ ئي کُلي ويندا. اچو! مان توهان کي خدا جي راهه ۾ پيش ڪيل هڪ عظيم قرباني ۽ ان تي ملندڙ انعام جي داستان ٻڌايان ٿو. هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هئا، سندن مبارڪ نالو سعد هو ۽ رنگ ڪارو هو، هڪ ڏينهن اهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا منهنجي ڪاري رنگ جي ڪري مون کي جنت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا تون الله ۽ رسول تي ايمان رکين ٿو؟ عرض ڪيائون: جي ها! مان 8 مهينا پهريان ئي مسلمان ٿيو آهيان. فرمايائون: خدا جو قسم! پوءِ تنهنجو رنگ توکي جنت کان نه روڪيندو. حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جڏهن ڳالهه اهڙي آهي (ڪارو رنگ جنت ۾ وڃڻ کان رڪاوٽ ناهي) ته پوءِ مون کي ڪو رشتو ڇو نٿو ڏئي؟ هاڻي اصل معاملو واضح ٿي چڪو هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: تون فلاڻي صحابي جي گهر وڃ! انهن کي چئو ته الله پاڪ جي رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تنهنجي ڌيءَ جو نڪاح مون سان ڪري ڇڏيو آهي. حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان صحابي جي گهر پهتا، پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پيغام انهن تائين

پهچاياائون، (صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم فرمانبردار هئا) الحمدلله! انهن پيغام ٻڌو تہ فورا بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان ڪري ڇڏيو. هاڻي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ لاءِ پيسن جو اهتمام فرمايو، انهن پئسا ورتا ۽ پنهنجي زال لاءِ ڪجهہ شيون خريدڻ لاءِ بازار هليا ويا. هاڻي هي موقعو قرباني جو آهي، نہ ڄاڻ ڪڏهن ڪان دل ۾ شادي جي حسرت هوندي، اڄ اها حسرت پوري ٿي، حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو اڄا تازو نڪاح ٿيو آهي، اڄا زال کي ڏٺو بہ نہ آهي، بازار مان پنهنجي نئين ڪنوار لاءِ شيون خريد ڪري رهيا هئا تہ اعلان ٿيو: اي مجاهدو! رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جنگ لاءِ روانا ٿيڻ وارا آهن، سڀ مجاهد جلد حاضر ٿي وڃن. حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هي اعلان ٻڌو تہ مٿو آسمان طرف ڪنيائون ۽ چيائون: اي الله ڪريم! مان انهن پيسن کي تنهنجي ۽ تنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا لاءِ خرچ ڪندس. جيئن پاڻ انهن پيسن مان هڪ گهوڙو، هڪ نيزو، هڪ تلوار ۽ هڪ ڍال خريد ڪئي، عمامو ٻڌو، جنگ جي تياري ڪئي ۽ لشڪرِ اسلام سان وڃي مليا. جنگ ۾ شريڪ ٿيا، وڏي بهادريءَ سان وڙهيا، ڪيترن ئي دشمنن کي جهنم پهچاياائون، آخرڪار ميدان جنگ ۾ هڪ آواز گونجهيو: **سعد کي نيزو لڳو ۽ اهي شهيد ٿي ويا .**

هي قرباني هئي، ان جنگ ۾ شهيد تہ ٻيا صحابہ بہ ٿيا هوندا پر حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ وانگر نئين ڪنوار کي انتظار ڪندي ڇڏي، دل جون حسرتون دل ۾ ئي دٻائي شايد ڪو نہ آيو هوندو، ان لاءِ سندن قرباني ٻين جي ڀيٽ ۾ گهڻي مختلف هئي، ان قرباني جي شان نرالي هئي. ان عظيم قربانيءَ تي ڪين انعام ڇا مليو، ٿورو دل جهلي ٻڌو! روايت ۾ آهي: جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شهادت جي خبر ملي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا، فَرَفَعَ رَاْسَهٗ وَوَضَعَهٗ عَلٰى حِجْرِهٖ (رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جو مٿو کنيو ۽ پنهنجي

مبارڪ جهوليءَ ۾ رکي ورتو) وَ مَسَحَ عَنْ وَجْهِهِ التُّرَابَ بِثَوْبِهٖ (۽ پنهنجن ڪپڙن سان سندن چهري جي مٿي صاف ڪيائون) ۽ فرمايائون: مَا اَطْيَبَ رِيْحَكَ وَ اَحَبَّكَ اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ (اي سعد!) تنهنجي خوشبو ڪيتري پياري آهي، تون الله ۽ رسول جو ڪيترو پيارو آهين !!...الله! الله! حضرت سعد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ان نصيب تي هزار جانيون فدا هجن، ڪهڙو نرالو نصيب آهي، زمانو جن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ترسي ٿو، ملائڪ جن جي در تي حاضري جي خواهش ڪن ٿا، اهي بلند رتبي وارا نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو امتي هجڻ جي خواهش انبياء ڪئي، اهي محبوب خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابي تي ڪهڙي شفقت فرمائي رهيا آهن، جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو مٿو پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو هوندو، پنهنجن ڪپڙن سان سندن چهري جي مٿي صاف ڪئي هوندي، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي انهن تي ڪهڙو رشڪ آيو هوندو !!...پر هي انعام هتي ئي ختم نہ ٿيا، روايت ۾ آهي: پياري آقا، رسول خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُنا، پوءِ مسڪرايا ۽ پنهنجو مبارڪ چهرو هڪ طرف ڦيرائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: وَرَدَ الْحَوْضَ وَ رَبِّ الْكَعْبَةِ (ربِ ڪعبہ جو قسم! سعد حوضِ ڪوثر تي پهچي چڪو آهي .) صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان پهريان رونا، پوءِ مسڪرايا ۽ مبارڪ چهرو هڪ طرف ڦيرائي ڇڏيو، ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي. فرمايائون: مان سعد جي محبت ۾ رُنو هئس ۽ الله پاڪ سعد کي جيڪو مقام عطا فرمايو آهي، ان کي جنهن عزت سان نوازيو آهي، ان کي ڏسي مسڪرائي ڏنم ۽ مون ڏٺو تہ جنتي حورون جيڪي سعد جي نڪاح ۾ ڏنيون ويون آهن، اهي ڊوڙنديون، ان طرف اچي رهيون هيون، انهن کان حيا سبب مون پنهنجو چهرو ڦيرائي ڇڏيو هو.[1]

---

[1]... تنبيہ الغافلين، باب الحڪايات، صفحہ:353 – 355 ملخصاً۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي قرباني...!! ۽ هي آهي قرباني جو انعام...!!

جس دھج سے کوئی مقتل میں گیا، وہ شان سلامت رہتی ہے
یہ جان تو آنی جانی ہے، اس جاں کی تو کوئی بات نہیں

## گفتگو ڪرڻ جا غازي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان دين جي راهہ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪندا هئا. پر افسوس! اڄ اسان ٻهانا ناهيندا آهيون ۞ اسان وٽ دنيا جي هر ڪم لاءِ وقت آهي پر دين جي خدمت لاءِ ۞ قرآن ۽ حديث سکڻ لاءِ ۞ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ لاءِ وقت ناهي ۞ پنهنجي عيش ۽ عشرت لاءِ هزارين لکين روپيہ بہ خرچ ڪيا ويندا آهن پر دين جي خدمت لاءِ مال قربان ڪندي دل تنگ ٿيندي آهي ۞ پنهنجين صلاحيتن جو استعمال ڪري گهٽي دنيا تہ گڏ ڪري ونون ٿا پر دين جي خاطر پنهنجون صلاحيتون پيش نٿا ڪريون ۞ جان جي بازي لڳائڻ تہ پري جي ڳالهہ اسان کان وقت ۽ مال جي بہ قرباني نٿي ڏني وڃي...!!

تھے تو آبا وہ تمہارے ہی مگر تم کیا ہو...؟ | ہاتھ پر ہاتھ دھرے مُنتَظِرِ فردا ہو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان غور ڪريون! آخر اهو ڪهڙو جذبو هو جو جنهن جذبي تحت امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ اهڙي عظيم الشان قرباني پيش ڪئي، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان قدم قدم تي قربانيون ڏيندا رهيا. ڳالهہ اها ئي آهي تہ ۞ اهي بلند رتبي وارا حضرات ڪامل الايمان هئا ۞ اهي جوشِ ايمان جي جذبي سان سرشار هئا ۽ ۞ افسوس! اڄ جو مسلمان اڪثر ايمان جي ڪمزوري جو شڪار آهي۞ انهن جي سامهون هر دم الله ۽ رسول جي رضا هوندي هئي پر افسوس! اڄ جي مسلمانن جي

اڪثريت جي هاڻي ان طرف ڪا بہ توجهہ ناهي۞ اهي الله ۽ رسول جي محبت سان سرشار هئا پر افسوس! اڄ جي مسلمانن جي وڏي اڪثريت دنيا جي محبت ۾ غرق آهي۞ اهي اعليٰ ڪردار جا مالڪ هوندا هئا پر اڄ اڪثر مسلمان صرف ڳالهين جا غازي بڻجي رهجي ويا آهن۞ افسوس! اسان دنيا جي محبت ۾ ٻڏي ۞ رضاءِ الٰهي جي ڪمن کان پري ٿي ۞ پنهنجين زندگين کي گناهن سان آلوده ڪري ۞ پنهنجي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جو عامل بڻجڻ جي بجاءِ غيرن جي فيشن کي اپنائي پنهنجي حالت پاڻ خراب ڪري ڇڏي آهي. افسوس! صد هزار افسوس! اسان بي عملي سبب ذلت ۽ رسوائي جي گهري کڏ ۾ ڏاڍي تيزي سان ڪرندا پيا وڃون.

| | |
|---|---|
| اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وَقتِ دُعا ہے | اُمّت پہ تِری آ کے عجب وقت پڑاہے |
| جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے | پردیس میں وہ آج غریب الغربا ہے |
| ہم نیک ہیں یا بد ہیں پھر آخِر ہیں تمہارے | نسبت بہت اچھی ہے اگر حال برا ہے |
| تدبیر سنبھلنے کی ہمارے نہیں کوئی | ہاں ایک دعا تیری کہ مقبولِ خدا ہے |

## ذميداري جو احساس پيدا ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي سنجيدگيءَ سان پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺڻ گهرجي۞ اسان تي لازم آهي تہ پنهنجن گناهن کان سچي توبہ ڪريون ۞ پنهنجي اندر جوشِ ايماني پيدا ڪريون۞ ۽ اهو ذهن بڻائي وٺون تہ مون کي دين جي خدمت ڪرڻي ئي ڪرڻي آهي۞ ڪاش! سڀ اهو مدني مقصد اپنائي وٺن تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هڪ مسلمان هجڻ جي حيثيت سان جيڪڏهن اسان پنهنجي ذميداري کي سمجهي، الله ۽ رسول جي محبت ۾ ٻڏي

هن مدني مقصد کي پورو ڪرڻ ۾ لڳي وڃون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿي ويندو.

## سلطانِ دو جهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون قربانيون

پيارا اسلامي ڀائرو! سڄي دنيا ۾ دين جو ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي اندر قرباني جو جذبو پيدا ڪرڻو پوندو، بغير قرباني پيش ڪرڻ جي ڪجهه به نٿو ٿي سگهي، ڏسو! ۞ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دين جي خاطر ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪيون، ان جو تصور ئي ڏڪائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيحد ستايو ويو۞ راهن ۾ ڪنڊا وڇايا ويا ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿر وسايا ويا ۞ ايستائين جو ڪافرن ڪين شهيد ڪرڻ جون به ناڪام ڪوششون ڪيون پر همت واري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم همت نه هاري، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسلسل ڪوشش رنگ لاتو،۞ جيڪي ماڻهو دشمن هئا، اهي اللّٰه پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان دوست بڻجي ويا ۞ جيڪي جان جا پياسا هئا، اهي جانيون قربان ڪرڻ لڳا ۞ جيڪي ٻين کي مسلمان ٿيڻ کان روڪيندا هئا، اهي پاڻ مسلمان ٿي ٻين کي مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويا. الحمدللّٰه! اڄ سڄي دنيا ۾ جيڪي اسلام جون بهارون آهن، اهي اللّٰه پاڪ جي عنايت سان پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انهن ڪوششن ۽ صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي قربانين جو ئي نتيجو آهن.

حق کی راہ میں پتھّر کھائے خوں میں نہائے طائف میں
دین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان کیا

## ڀلائي جون ڳالهيون سيکارڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان به نيڪي جي دعوت خاطر قربانيون ڏيڻ

تي آماده ٿي وڃون ۽ تمام گهڻو ثواب ڪمايون. امام ابو نعيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي ته اي موسيٰ! ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو چو ته مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جون قبرون روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي ڪنهن به قسم جي وحشت نه ٿئي.[1]

## مبلغن جون قبرون جڳمڳائينديون

اي عاشقانِ رسول! هن روايت مان نيڪي جي ڳالهه سکڻ ۽ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو. سُبۡحٰنَ الله! جيڪي سنتن ڀريا بيان ڪن ٿا، درس ڏين ۽ ٻڌن ٿا، ان شاء الله الڪريم! انهن جا ته ڀاڳ ئي کُلي ويندا، الله پاڪ چاهيو ته ضرور سندن قبرون اندر مان جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون، جيڪي نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن، قافلن ۾ سفر جي ذريعي نيڪ اعمالن جي ترغيب ڏياريندا آهن، سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا آهن، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡڪَرِيۡم! انهن جون قبرون به نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي نورٌ عَلٰي نور هونديون

قبر میں لہرائیں گے تاحشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہو گی جب طَلعَت رسول اللہ کی[2]

## جنت ۾ داخلا ۽ گذريل گناهن جو ڪفارو

اي عاشقانِ رسول! اهي اسلامي ڀائر جيڪي علمِ دين سکڻ جي نيت سان قافلن ۾ سفر ڪندا آهن، انهن لاءِ جنت ۾ داخلي ۽ پوين گناهن جي ڪفاري جي خوشخبري آهي. جيئن ته (1): حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: مَنۡ غَدَا وَ رَاحَ وَ هُوَ فِيۡ تَعۡلِيۡمِ دِيۡنِهٖ فَهُوَ فِي الۡجَنَّةِ يعني جيڪو پنهنجي دين

---

[1]... حلية الاولياء، ڪعب الاحبار، جلد:6صفحه: 5، رقم:7622۔

[2]... حدائقِ بخشش،صفحه:152۔

جو علم سکڻ لاءِ صبح يا شام جو هليو، اهو جنتي آهي.[1] (2): هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص علم جي تلاش ڪندو آهي، ته اهو ڪم ان جي پوين گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو آهي.[2]

## دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته فرمايو! اڄ ماڻهو مال وڏائڻ لاءِ پنهنجي شهر مان ٻئي شهر، پنهنجي ملڪ مان ٻئي ملڪ پهچي ويندا آهن، ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ۽ ٻارن ٻچن کان سالن جا سال پري پيا رهندا آهن. افسوس! اڄ دنيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڪثر ماڻهو هر طرح جون قربانيون ڏئي رهيا آهن پر ايتري عظيم الشان اجر ۽ ثواب جي خوشخبري جي باوجود خدا جي راهه ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ٿيندا. ٿورو سوچيو ته سهي! صحابہ ڪرام، اهلِ بيت پاڪ ۽ شهداءِ ڪربلا رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم خدا جي راهه ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قربانيون پيش ڪيون، خدا جي راهه جي هر سفر ۾ وڏي چڙهي حصو ورتائون، اهو انهن جي قربانين جو صدقو آهي جو اڄ دنيا ۾ هر طرف دينِ اسلام جون بهارون آهن، بهرحال! هڪ طرف صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم آهن جن جون زندگيون دين جي سربلندي لاءِ وقف هيون ۽ ٻئي طرف اسان غافل ماڻهو آهيون جن جا ڏينهن رات صرف ۽ صرف دنيا جي ترقي لاءِ ئي ڄڻ وقف آهن. اسان کي به همت ڪرڻي آهي، اسان کي به جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيڻو آهي. الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي وارا عاشقان رسول نرالي انداز ۾ ڪربلا وارن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندا آهن، الله پاڪ جي فضل سان شهداءِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب لاءِ هر سال ئي 8، 9 ۽ 10 محرم تي قافلا

---

[1]… حلية الاولياء،مسعر بن ڪدام، جلد:7،صفحه: 295، رقم:10581۔

[2]… ترمذی، ابواب العلم، باب فضل طلب العلم، صفحه:624، حديث:2648۔

سفر ڪندا آهن، توهان بہ همت ڪريو! جوشِ ايماني جو ثبوت ڏيو ۽ ڪربلا وارن جي ايصالِ ثواب لاءِ قافلي جا مسافر بڻجي وڃو! ان شاء الله الڪريم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
قرض ہو گا ادا، آ کے مانگو دُعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو

امام عالي مقام امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ توهان جي ساٿين جي صدقي الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”القران الڪريم“ ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄڪلهہ مسلمانن جو وڏو تعداد آهي جيڪي اينڊرائڊ (Android) يا آئي فون استعمال ڪن ٿا. الحمدلله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي(Al Quran al kareem :القرآن الڪريم). هيءُ ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي قسمن جي ڊوائيسز تان ڊائون لوڊ ڪري آسانيءَ سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي.۞ ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي Bookmark بہ ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي بدولت آسانيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو. پهرين فرصت ۾ ئي هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ بہ قرآن ڪريم

جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي به قرآن پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

يہی ہے آرزو تعلیم قرآں عام ہو جائے | ہر اِک پرچم سے اُونچا پرچم اسلام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان جي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: وضو ڪانپوءِ ڪپڙا مٽائڻ سان وضو ناهي ٽٽندو.

وضاحت: ۞ عوام ۾ مشهور آهي ته ڪپڙا مٽائڻ سان يا ستر کلڻ سان وضو ٽٽي ويندو آهي. ائين ناهي. وضو ڪانپوءِ ڪپڙا لاهڻ سان وضو ناهي ٽٽندو ۽ نه ئي ستر کلڻ سان وضو ٽٽندو آهي ۞ البته بنا وجهه ستر کولڻ جو ماڻهن جي نظر پوي گناهه آهي، مرد لاءِ دُن ڪان وٺي گوڏي جي هيٺيان تائين سڄو جسم ستر آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَاسَمِيعُ

جيڪو روزانو 100 ڀيرا يَا سَمِيْعُ پڙهي ۽ ان دوران گفتگو نه ڪري ۽ پڙهي دعا گهري، جيڪو گهرندو، سو لهندو.[2] اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] …ڪنزالعمال،ڪتاب الصلوٰة ، الفصل الاول، جلد:7، صفحه:134،حديث:19097بتغير قليل۔

[2] …مدنی پنج سوره، صفحه:250۔